# ڪافي[234]

## مئنون لڳڙا قُرب ڪلُوري

1 روح رباب طلب ديان تاران، تن بنيا هي طنبوري
2 بُت بلاول آکڙا آسا، قلب ڪلياڻ ڳسُوري
3 بن سجڻ دَي سيج نہ ياوين، سُمهڻ تيا هُڻ سُوري
4 باهہ برهہ دي پڙڪا لايا، خوشي ٿي هُڻ ڪوري
5 بس ”غلام نبي“ ڪر گفتا، پرت نہ ٿيسي پوري

# ڪافي[238]

اڙي منهنجا راڻا آئون نٿي جاڻان.
جاڻا الا_ ڪهڙي ڏوهہ ڪيو اٿئي ڏمر.

1_ وڻ تہ ويچارا ميان ڪاڪ ڪنڌين جا
توريءَ ڪنور ڪوماڻا_الا_سوڍل ساوا اڇي ڪر.

2_ سوڍل منهنجو ميان سڀ ڪان سهڻوڙي ادا،
بيا سڀ ڪوجها ڪاڻا_الا_آءُ اکين جي تہ اندر.

3_ پريت ”پنيل“ چوي ميان مومل مارئي ڙي ادا،
وڻنس ڪين وچاڻا_ الا_ آءُ گهوريءَ جي تون گهر.

Gul Hayat Institute

## ڪافي[235]

سڄڻ ڪيو ناگاھہ نظر، اڪيون وھن نارا نديون،
ھو اڪيون حاڪم ھنن جون، ھي اڪيون ھن جيون بنديون.
ھي سڪن ھن لاءِ ھميشہ، ھر لحظ ڪيو يار ياد،
ھن کي شڪرانو ۽ شاباس، ھو نہ ڄاڻان ڪيئن ڪنديون.
حسن سان ھمذات ٿيو، جلوت ڏسي ٿيون جان نثار،
سي پسڻ ڏاران نہ پرچن، جي ڏکن آھن ڏڌيون.
سڪ جي سوزش سرخ ڪيون، ابرو اُتم ٿيون آبدار،
سي وسن "لوھو" جيون نھرون، برھہ جي باد ٻنديون.
"پنيل" پابوس جانان، روز ازل کان تاشمار،
محب توکي معافي ڏيندو، ميٺي مر مرشد منديون.

## ڪافي[236]

عشق اصل ڪنئون اڙانگو پرت جو پنڌ پري ٿيو.

1 مُلھہ تہ ملندئي ڪينڪي، سر ڏئي لاھ سانگو.
2 سڏڙيا ٻڌن ٿا ٻار ۾، طلب وارن کي آھہ تانگھو.
3 ھن دنيا جي دور سان، دل رکڻ آھي سنھن دانگو.
4 گُم ٿي "غلام النبي"، نا تہ سڏيندئي نياڳو.

## ڪافي[237]

مون کي ھوت ملي ھيڪار دعا ڪريو ڙي جيڏيون.

1 شھر بحر پٽيون، ووڙيندس وڻڪارَ.
2 مون تان ائين نہ پائيون، جَت آھن جھونجھارَ.
3 آھي اميد اللهؒ ۾، دم نہ ٿيان ھڪ ڌارَ.
4 "پنيل" جي ٻہ پريت جي ميان، پريئن منجھن پچارَ.

---

[235] ڪليات امين، ص: 318.

[236] سروري خاندان جون علمي ادبي ديني خدمتون، ص: 183.

[237] ڪلياتِ امين، ص: 315.

Gul Hayat Institute